# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريه 1972

# SINDH ACT NO.XXIX OF 1972

# سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعه 8_A ۽ 8_B جي ترميم

Amendment of Section 8_A and 8_B of West Pakistan Ordinance XI of 1972

3. ميمبر جيڪي تمام اهم شخصيتون هونديون

Members to be V.I.Ps

4. سرڪٽ هائوس وغيره ۾ رهائش

Accommodation in Circuit house, etc

5. پنهنجي ضلعي جي ادارن جو دورو

Visit to Institutions in his own District

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريه 1972

# SINDH ACT NO.XXIX OF 1972

# سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ، جنهن ذريعي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪئي وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

جنهن ڪي هيٺين ريت جوڙيو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2) اهو حڪم لاڳو ٿيندو. | commencement |
| 2. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ دفعہ 8 کانپوءِ هيٺيان دفعات شامل ڪيا ويندا، يعني: | 1972 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 8_A ۽ 8_B جي ترميم<br>Amendment of Section 8_A and 8_B of West Pakistan Ordinance XI of 1972 |
| “8_A. ميمبر اهم شخصيتون هوندا ۽ انهن کي لاڳو قانونن ۽ صوبائي خواهہ مرڪزي حڪومت جي هدايتن مطابق اهم شخصيتن جهڙيون مراعتون ملنديون. | ميمبر جيڪي تمام اهم شخصيتون هونديون<br>Members to be V.I.Ps |
| 8_B. ميمبر، لاڳاپيل اختياري کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ سان، بشرطيڪ رهائش جي گنجائش موجود هجي، سرڪاري يا مقامي اختياري طرفان هلندڙ سرڪٽ هائوس، ريسٽ هائوس يا ڊاڪ بنگلي ۾ مقرر ٿيل معاوضي تي رهڻ جو حقدار هوندو يا جيئن بہ صورتحال هجي. | سرڪٽ هائوس وغيره ۾ رهائش<br>Accommodation in Circuit house, etc |

| | |
|---|---|
| 8.C. ميمبر اڳواٽ اطلاع ڏئي پنهنجي ضلعي جي اسپتالن، تعليمي ادارن يا ٻين سرڪاري ادارن جو معائنو ڪري سگهي ٿو. انهيءَ معائني دوران هو ڪنهن ريسٽ هائوس يا ڊاڪ بنگلي ۾ رهائش اختيار ڪري سگهي ٿو. جيئن بہ صورتحال هجي. | پنهنجي ضلعي جي ادارن جو دورو<br>Visit to Institutions in his own District |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**